حڪيم چيتنديو پوچراجمل ڏانڊا

جن جو ڪُجهه جيون پريچيه



- برهم ڪتري منگهارام چيتنديو ڏانڊا ''ديوانو''

حڪيم چيتنديو پوڄراجمل ڏانڌا

جن جو ڪُجهه جيون پريچيہ

ليک : برهم کتري منگهارام چيتنديو ڏانڌا ''ديوانو'' جيتپور

ارپڻ



پوڄ پتا صاحب چيتنديو پوڄراجمل جي ڦر قدمن ۾
جن جي چرنن ۾ رمي مون گهٽو ڪُجهه پرايو آهي.

سال : ٢٠١١

ڪاپيون : ١٥٠٠ ١٠٠٠

قيمت :- سِڪ ۽ پريم سان پڙهو

ڇپائيندڙ :

نيلم پبليڪيشن، جهوني ياڄي مارڪيٽ پنيان،
جڳاوالا روڊ، جيتپور-٣٧٠ ٢٦٠
فون : ٩٤٢٧٣٦١٣٥٣

ليکڪ طرفان ٻه اکر.....

مِتن مونکي چيو تہ تون حڪيم چيتن ديو جن جو جيون پرچيہ لِکي ڇپاءِ. حڪيم چيتنديو تہ سڄي هندستان ۾ مشهور هئا. هرڪا وديا ڄاڻندا هئا. تنهن ڪري حڪيم چيتنديو جن جو جيون پرچيہ مون لکڻ شروع ڪيو. ڪجهہ لکيو بہ هوم پر اِهو اَڌ ۾ ڇڏي ڏنم. ڪجهہ وقت کان پوءِ وري ڪِن مِترن ۽ ڪِن مِتن وري ياد ڏياريو تہ حڪيم چيتنديو جي جيون پرچيہ جو ڇا ٿيو. تڏهن مون اُنهن کي چيو تہ هاڻ لکان ٿو. ۽ وري لکڻ شروع ڪيم. اڃان لکي پورو ڪيم تہ منهنجي طبعيت خراب ٿي پيئي تہ ٿي مهنا بستري داخل هئس. سائين ليلاشاه مهاراج جي ڪرپا سان هاڻ ڇڱو فائدو آهي پر اڃان پورو هلي چلي ڪونہ ٿو سگهان.

هن جيون پريچيہ ۾ مون حڪيم چيتنديو جن جون چار ڳالهيون لکيون آهن. جنهن ۾ پهرين هيءَ تہ وِڇونءَ جي جهاڙ پائڻ. ڪنهن کي بہ وِڇونءَ چڪ پاتو هجي تہ جيڪو شخص حڪيم چيتنديو کي چوڻ ايندو هو تہ فلاڻي کي وِڇونءَ چڪ پاتو آهي تہ اُن کي چوندا هئا تہ وڇونءَ جي چڪ پاتل کي وڃي چئو تہ توهان کي 'ديوَ' رام رام ڏني آهي. اينرو چوڻ سان اُن شخص جو زهر لهي ويندو هو، ٻيو نمبر هو کهڙو بہ ڪارو نانگ چڪ پائي ويو هجي تہ اُن کي جهاڙ پائيندا هئا تہ اُن جو زهر لهي ويندو هو ۽ هو نيڪ ٿيندو



برهم لين سوامي ليلاشاه مهاراج

منگھارام 'ديوانو' جا ڇپيل ڪتاب سنڌيءَ ۾

ڪتاب جو نالو		سال
١. خوني سائنسدان	اصلوڪو جاسوسي ناول	١٩٦٩
٢. خطرناڪ خوني	اصلوڪو جاسوسي ناول	١٩٧٠
٣. اُٿ ڀارت جي سنتان	ٻال ڪويتائون (ٽي ڇاپا)	١٩٧٢
٤. خوني ٽولي	اصلوڪو جاسوسي ناول	١٩٧٤
٥. خون جو بدلو خون	انواد جاسوسي ناول	١٩٧٥
٦. بئنڪ تي ڌارو	انواد جاسوسي ناول	١٩٧٦
٧. عؤرت ۽ زندگي	اصلوڪو سماجڪ ناول	١٩٧٨
٨. اَڄ تہ ڪريون اِقرار	ڪويتائون	١٩٧٨
٩. پريم جا گيت	انواد ڪھاڻيون	١٩٧٩
١٠. گيت پريم جا	ڪويتائون	١٩٨٠
١١. اسان جو ڪاڌو	انواد ڪاڌي بابت	١٩٨٤
١٢. نظر نظر جو ڦيرو	انواد چٽڪلا	١٩٨٤
١٣. پراڪرمي پنجو	انواد ديش ڀڳتي ناول	١٩٩٢
١٤. دوستي	اصلوڪو ناول	١٩٩٨
١٥. اَسين ننڍڙا ٻار	ٻال ڪويتائون	٢٠٠٢
١٦. قدرت جا کيل نيارا	اصلوڪو ناول	٢٠٠٥
١٧. درشٽانت مالھا	انواد ڀڳتيءَ تي درشٽانت	٢٠٠٧
١٨. پياري	اصلوڪو ناول	٢٠٠٩
١٩. نقلي ڀاءُ	اصلوڪيون ڪھاڻيون	٢٠٠٩

(دوستي ٻال ناول تي سنڌي ساھتيہ اڪادمي، گانڌينگر گجرات طرفان اِنعام ۽ سنمان پتر مليل آھي.)

هو. ٽيون ڪم هو لڳت جو تہ ڪنهن کي لڳت لڳي ويئي هجي يعني اُن کي يوت لڳو هجي تہ اِها لڳت بہ هڪ منٽ ۾ ڪڍندا هئا. چوٿون نمبر کهڙي بہ بيماري هجي اُن جي بہ دوا ڪندا هئا. سمجهو حڪيم چيتنديو هرهڪ ڳالهہ ۾ ماهر هوندا هئا. سوامي ليلاشاه مهاراج جن هُنن کي ڪڏهن ڪڏهن پاڻ سان گڏ ڪوٺي ويندا هئا. جنهن ڪري حڪيم چيتنديو جن سڄي هندستان ۾ مشهور ٿي ويا هئا. حڪيم چيتنديو جن کي پنهنجو ڏنڊو بہ هوندو هو ڪين سارهين ڇپڻ جا بہ ڪارخانا هئا. اِنهن ڪارخانن هلائڻ ۾ مان ۽ منهنجو ننڍو ڀاءُ بہ ساٿ ڏيندا هئاسين. اِن هوندي بہ هيترا شيوا جا ڪاريہ بہ ڪندا هئا. سائين ليلاشاه مهاراج جن جي مٿن پوري ڪرپا هوندي هئي.

نيلم پبليڪيشن طرفان هي ستون ڪتاب آهي. سوامي ليلاشاه جن جي ڪرپا ٿيندي رهندي تہ نيلم پبليڪيشن طرفان ڪتاب ڇپائيندو رهندس ۽ ٿوڻل هيءُ منهنجو پنجويهون ڪتاب آهي. هن کان اَڳ منهنجا چوويہ ڪتاب ڇپيل آهن.

توهان جو پنهنجو

منگهارام ’ديوانو‘

حڪيم چيتنديو ڀوڄراجمل ڏانڌا برهم کتري هڪ مشهور شخص هئا. سنڌ جي ماتلي شهر ۾ حيرآباد ضلع ۾ رهندا هئا. جتي ڪين ڇپائيءَ جو ڪم هول سيل ڪپڙي جو دڪان ۽ پرچورڻ ڪپڙي جو دڪان هئو. حڪيم چيتنديو جن جا پتا سيٺ ڀوڄراجمل ماتلي شهر جا مشهور سيٺ هئا. ڪيس سرڪار طرفان سيٺ جو لقب مليل هو ۽ ڪورٽ ۾ ڪين ويهڻ لاءِ ڪرسي پڻ مليل هئي. جي اٽپڙهيل هئا.

حڪيم چيتنديو جن پاڻ ۾ ٻه ڀائر هئا. هڪ وڏو حڪيم چيتنديو ۽ ننڍو ڀاءُ شري ڀيرومل.

حڪيم چيتنديو جن سوامي ليلاشاه مهاراج ڄن جي سنگ ۾ ننڍي هوندي کان ئي هئا. اٽڪل ڇئن سالن جي عمر ۾ سندن ڪاڪو ڀوڄ ڀيسومل جن سوامي ليلاشاه مهاراج جن وٽ ڪوني ويا هئا ۽ جيستائين سوامي ليلاشاه مهاراج جن حيات هئا تيستائين سندن شيوا ۾ رهيا هئا. هندستان ۾ اچڻ کان پوءِ شروع ۾ ڪجهه وقت اَجمير ۾ رهيا هئا، پوءِ احمدآباد ۾ ڇپائيءَ جو ڪم چالو ڪيائون ۽ ڇپائيءَ جو ڪم گومتي پور ۾ هئن ۽ گهر ويرمگام ۾ ڪيو هئائون. تنهن کان پوءِ ڇپائيءَ جو ڪم راجڪوٽ ۾ اچي ڪيائون ۽ گهر ڪجهه وقت ٻانٽوا ۾ ڪري پوءِ راجڪوٽ ۾ اچي رهيا هئا. ڪجهه وقت کان پوءِ راجڪوٽ مان وري ۱۹۶۰ ۾ جيتپور ۾


منگھارام 'ديوانو'جا ڇپيل ڪتاب گجراتيءَ ۾

ڪتاب جو نالو		سال
١. پاڇو آويلو پوت ڪار	سنڌيءَ مان گجراتي	
٢. سُندري ني وارتائون	سنڌيءَ مان گجراتي	
٣. عؤرت ۽ زندگي ناول جو گجراتي ترجمو سنڌيءَ مان گجراتي انوادڪ جمناداس لڇاڻي		١٩٨۴
۴. موھن ڪلپنا ني وارتائو	سنڌيءَ مان گجراتي	١٩٨۵
۵. راڪڙي پونم	ڪهاڻي سنگرھ	٢٠١١

لڏي آيا جتي راجڪوٽ ٽيڪسٽائيل پرنٽري نالي ساڙهين ڇپڻ جو ڪارخانو چالو ڪيائون. پوءِ ٿوري وقت کان پوءِ وري ٻيو ڪارخانو وجيہ ٽيڪسائيل پرنٽري نالي سان چالو ڪيائون. حڪيم چيتنديو جن سوامي ليلاشاه مهاراج جن سان گڏ گهڻو وقت رهيا هئا. سوامي ليلاشاه مهاراج جن گجرات ۾ جيترا بہ مهنا رهندا هئا اوترو وقت حڪيم چيتنديو جن اُنهن کان گڏ رهندا هئا. حڪيم چيتنديو جن سوامي ليلاشاه مهاراج جن کان يوگ، آسڻ ۽ ٻيون ڪريائون وغيره سڀ هو سنڌ ۾ ئي سکيا هئا. حڪيم چيتنديو جن کي حڪمت جو شوق ننڍي هوندي کان ئي هو. ماتلي شهر سنڌ ۾ رهندڙ شري پرمانند چوريگر برهم کتري هڪ مشهور شخص رهندو هو. جنهن کان اُتي حڪيم چيتنديو جن شروع ۾ ڪجهه حڪمت سکيا هئا. حڪيم چيتنديو جن جو سهرو پڳت صاحب هيمراجمل جانيمل کوها ۽ ننڍن سڳو مامو شري تولارام هاسانند کوها، جي پڻ سنا حڪيم هئا. اُنهن کان پڻ ڪجهه حڪمت سکيا هئا. شري تولارام هاسانند پنهنجي وڏي عمر ۾ حڪيم چيتنديو جن وٽ جيتپور ۾ اچي رهيا هئا. پڇاڙيءَ ۾ راجڪوٽ ۾ قريشي عبدالله متوو هڪ مسلمان حڪيم جيڪو سِڌُ پرش پڻ هو ۽ گڏ عالي حڪيم پڻ هئا، تن کي گرو ڪيو هئائون ۽ انهن کان پڻ گهڻي حڪمت سکيا هئا.

حڪيم چيتنديو جن سنڌ کان ئي 'ديو' جي نالي

2



حڪيم چيتنديو يوجر اجمل ڏانڏا

چڪ پاتل کي وجي پياريو ۽ هي شخص جڏهن حڪيم چيتنديو جو ڏنل پاڻي چڪ پاتل ماڻهوءَ کي وجي پياريندا هئا ته هو شخص اُن مهل ئي نيڪ ٿي ويندو هو يعني هن جو زهر لهي ويندو هو ۽ هو چاڪُ چڱو ڀلو ٿي ويندو هو. هي نموني چڱو وقت هليو پوءِ حڪيم چيتنديو جن اِهو نمونو بند ڪري اُن آيل شخص کي جيڪو حڪيم چيتنديو کي اچي چوندو هو ته فلاڻي کي وِڇونءَ چڪ پاتو آهي پوءِ اُن کي ائين چوندا هئا ته توهان وِڇونءَ جي چڪ پاتل کي وڃي چئو 'ديوَ' توهان کي رام رام ڏني آهي ۽ اُهو شخص اُن چڪ پاتل کي وڃي اِئين چوندو هو ته 'ديو' توهانکي رام رام ڏني آهي. اُن شخص جي ائين چوڻ سان اُت پهرين شخص جو زهر لهي ويندو هو ۽ هو بلڪل نيڪ ٿي ويندو هو. ماتلي شهر سنڌ ۾ اونهاري ۾ ايترا ته وِڇون ٿيندا هئا جو پِٽ کي ٽيڪ ڏيئي ويهي ڪونه سگهبو هو. سنڌ ۾ وِڇونءَ کي پِتون ڪري چئبو هو.

سواءِ ڪنهن کي به لڱت لڳي ويئي هجي ۽ اُن کي ٻوت حيران ڪندو هجي ته اِن ڪم ۾ پڻ حڪيم چيتنديو جن ماهر هوندا هئا. ڪهڙو به ننڍو وڏو ٻوت ڇو نه هجي پر حڪيم چيتنديو جن پنهنجي وڏي ڏاڏي پار صاحب جن جو نالو وٺي ۽ پيوتيءَ جو تلڪ لڳائيندا هئا ته اُن مهل ئي اُهو ٻوت لڳل ماڻهو نيڪ ٿي ويندو هو.

هڪ دفعي جي ڳالهه آهي جيتپور ۾ نارائڻداس

سان مشهور هئا ۽ ڪيتراب ئي مِنر، مٽ مائٽ ڪيس ’ديو‘ جي نالي سان ئي سڏ ڪندا هئا. حڪيم چيتنديو جن ڪي جنتر، منتر ۽ تنتر ٽيئي وديائون ايندڙيون هيون. سنڌ ۾ ئي حڪيم چيتنديو جن وِڇون جي جهاڙ، نانگ جي جهاڙ ۽ جِن ڀُوت پڻ ڪڍندا هئا. جڏهن ڪوبہ شخص ڪين سڏ ڪرڻ ايندو هو تہ ترت اُن مهل ئي حڪيم چيتنديو جن اُن سان گڏ هليا ويندا هئا ۽ وِڇون جو چڪ پاتم ڪي جهاڙ پائيندا هئا ۽ جهاڙ پائي نوبنو ڪندا هئا. آخر ۾ حڪيم چيتنديو اِن وديا ۾ ايتري تہ سِڌي حاصل ڪئي هئائون جو جڏهن بہ ڪين ڪو شخص وڇون جي چڪ پاتل لاءِ جهاڙ پائڻ لاءِ ڪوٺڻ ايندو هو تہ حڪيم چيتنديو جن اُن شخص ڪي هلڪي چماٽ هڻندا هئا تہ اُن وڇون جي چڪ پاتل جو زهر يڪدم لهي ويندو هو ۽ هو چاڪ چڱو ڀلو ٿي ويندو هو. حڪيم چيتنديو جن چماٽ هڻڻ ڪري شهر ۾ مشهور ٿي ويا هئا تہ حڪيم چيتنديو جن چماٽ ٿا هڻن پر هو اِهو ڪونہ ڏسندا هئا تہ اِن چماٽ هڻڻ سان وِڇون جي چڪ پاتل جو زهر لهي ٿو وڃي ۽ هن ڳالهہ جي خبر جڏهن حڪيم چيتنديو کي پيئي تہ ماڻهو چون ٿا اسين جڏهن وِڇون جي جهاڙ پائڻ لاءِ حڪيم چيتنديو کي ڪوٺڻ لاءِ وڃون ٿا تہ هو اسان کي چماٽ ٿو هڻي پوءِ حڪيم چيتنديو جن چماٽ هڻڻ بند ڪري، اُن کي پاڻي پڙهي ڏيندا هئا ۽ چوندا هئا تہ هي پاڻي وِڇون جي

نارومل اِهو مڪان ڪِرائي تي رکيو. اُتي رهڻ کان پوءِ آهستي آهستي شري نبينداس جي وڏي نُنهن ڪيڪئي بائي يعني سڀ کان وڏي پٽ پرشوتمداس جي ڌرمپتنيءَ کي، جا حڪيم چيتنديو جن جي ڀائٽي يعني سندن ننڍي ڀاءُ ڀيرومل جي نياڻيءَ کي لڳت جو حساب چالو ٿي ويو. جڏهن شري نبينداس نارومل کي اِها خبر پيئي ته پوءِ اُن پنهنجي ننهن جا ڳ هٽيئي علاج ڪرايا. پر اُن کي ڪجهه به فائدو نه پيو. نيٺ شري نبينداس جن بياور جي سِڌ سوائي گاڏيسر ڀڳت صاحب مورجمل کوها جن کي ڪوني آيا. ڀڳت صاحب جن شري نبينداس نارومل جي گهر اچي رهيا هئا. جنهن ڏاڍا ڏوڙا ناهي ڏنا. ڀڳت صاحب مورجمل جن جيترا ڏينهن اُتي ترسيا هئا اوترا ڏينهن ڇوڪري بلڪل نيڪ رهي. ڀڳت صاحب مورجمل جن جي وڃڻ کان پوءِ ڇوڪريءَ جي طبعيت وري ساڳيءَ حالت واري ٿي ويئي هئي. شري نبينداس نارومل وري به جتي جتي ڏس پتو ملندو هوس اُتي ويندو هو پر پوءِ ڇوڪريءَ کي ذرو به فاعدو ڪونه ٿيو هو پر جيئن پوءِ تيئن ڇوڪريءَ جي طبعيت وڌيڪ خراب ٿيندي ويئي. آخر هڪ ڏينهن شري نبينداس نارومل سندس سؤٽ مولچند پوڄراجمل سورنيا جن وٽ وڃي ساڻس سموري حقيقت ڪئي ته ڇوڪريءَ کي لڳت لڳي ويئي آهي. گهٽيئي علاج ڪرايا ويا آهن پر ڇوڪريءَ جي طبعيت ۾ ذرو به ڦير نه پيو آهي.

پيسومل جي نالي شخص رهندو هو. اُن نارائڻداس پيسومل کي لاڊي روڊ جي هڪ گهٽيءَ ۾ اندر پنهنجي زمين ٽڪر پيل هو. سو نارائڻداس جا پٽا پيسومل جن حڪيم چيتنديو جن وٽ اچي چيو، ”چيتنديو مون وٽ هتي پاسي ۾ هڪ زمين ٽڪر پيل آهي. جا هل تہ توکي ڏيکاريان. پوءِ چئو تہ توکي اُتي مان ڪارخانو ٺهرائي ڏيان.“ حڪيم چيتنديو جن اُن سان گڏ اُها زمين ڏسڻ ويا. اُن زمين تي ڪجهہ وڻ پڻ هئا. زمين ڏسندي اوچتو هڪ وڻ تي نظر وجهي نهاريائون. ڪين اُن وڻ ۾ ڪي ڀوت وينل ڏسڻ ۾ آيا. تڏهن حڪيم چيتنديو جن اُن پيسومل کي چيو تہ مونکي اِها زمين ڪانہ کپي، جو آنءُ اُتي ڪارخانو ڪريان. تنهن کان پوءِ اُن پيسومل اِها زمين صاف ڪرائي اُتي رهڻ لاءِ مڪانن جي لائين ٺهرائي. پوءِ مڪان هُن ڀاڙي تي يعني ڪِرائي تي ڏيڻ چالو ڪيا. تڏهن حڪيم چيتنديو جو سيڻ شري نيينداس نارومل سورنيا پڻ اُتي هڪ مڪان ڪِرائي تي رکيو، جتي ڀوتن وارو وڻ هو. حڪيم چيتنديو شري نيينداس نارومل جن کي منع ڪئي تہ اِهو مڪان ڀڙو آهي يعني ڀوتن وارو آهي. پر شري نيينداس نارومل جن اِها ڳالهہ نہ مڃي ۽ حڪيم چيتنديو جن کي چيائون تہ اِهو توهان جو صرف وهم آهي. جِن ڀوت ڪجهہ ڪونہ ٿيندا آهن.

حڪيم چيتنديو جن جي ڳالهہ نہ مڃي شري نيينداس

ڪٽي اَچو. پوءِ مندر جي ٻيوتي اچي ويئي. پوءِ حڪيم چيتنديو جن ڪاڪي دوهلاڻي مل کي چيو، ”هاڻ آنءُ جيئن چوان تيئن تون ڇئه. ڏاڏا پار صاحب حاضران حضور هٿ منهنجو عرض توهان جو.“ ايترو چئي پوءِ چيائون پيوتي ڪٽي ڇوڪريءَ کي تلڪ لڳاءِ. تلڪ لڳائڻ کان پوءِ ڇوڪري اُن مهل ئي بلڪل نيڪ ٿي ويئي. جا اَڄ ڏينهن تائين بلڪل نيڪ آهي جا اجان تائين هت جيتور ۾ رهندي آهي. سواءِ کهڙو بہ زهريلو نانگہ يا ٻيو ڪو نانگہ هوندو هو تہ اُن جي جهاڙ پائيندا هئا. جهوني ڳالهہ آهي جيتپور شهر ۾ ماستر تولارام سيتلداس کوها جي ٻُڌايل هڪ ڳالهہ ٿو ٻُڌايان. اُن وقت اِهي ماستر سيتلداس کوها جن جيتپور ڳام جا مُکي صاحب هئا. شري چاندومل گوپالداس کوها، جو بياور راجستان ۾ رهندو هو. اِهو جيتپور ۾ شري گنگارام مولچند ڪاڪو پوتا جي نياڻي چندرا ٻائيءَ سان پرڻجڻ واسطي آيل هو. گنگارام مولچند جي گهر ۾ پلئہ هو. پلئہ وقت ڳام جا پئنچ ايترا اجان ڪونہ آيل هئا. شري تولارام سيتلداس مکيءَ پئنچن کي چيو تہ اَڄ اجان ايترا پئنچ ڪونہ آيل آهن تنهنڪري آنءُ توهان کي هڪ ڳالهہ ٿو ٻُڌايان. اُن وقت آنءُ پڻ يعني منگهارام ديوانو اُتي وينل هوس.

هيءَ مانجهو جي ڳالهہ آهي. هڪ ڏينهن ننڍڙن ٻارن گهرن جي ٻاهر ميدان ۾ راند پي ڪئي جتي ڪجهہ وڻ هئا.

جيئن پوءِ تيئن ڇوڪريءَ جي طبعيت وڌيڪ خراب ٿيندي ٿي وڃي. ڀڳت صاحب مورجمل بياور وارن کي به ڪوني آيس پر وريو ڪجهه به ڪونه. تڏهن شري مولچند ڀوڄراجمل سورنيا کيس چيو ته توهان کي خبر آهي ته جنجي ڇوڪري آهي اُنهن کي لڳت ڪيڻ ايندي آهي پر شري نبينداس نارومل حڪيم چيتنديو جن وٽ کهڙو مُنهن کڻي وڃي. شري مولچند ڀوڄراجمل سورنيا پوءِ نبينداس نارومل جن کي زوري حڪيم چيتنديو جن وٽ موڪليو هو. اُن وقت منهنجو ڪاڪو دوهلانومل گوپالداس ڏاڏا به اسان وٽ رهندو هو جو حڪيم چيتنديو جن جو سڳو سؤٽ هو. تڏهن حڪيم چيتنديو جن اسان ٻنهي کي چيو، ”توهان ٻئي مون سان گڏ هلو ۽ پنهنجي نظرن سان هلي ڏسو ته پاڻ پنهنجي وڏن جي نالي تي ڪيڏا نه ڪرامت جا ڪم ڪندا آهيون.“ اسان ٻئي حڪيم چيتنديو جن سان گڏجي شري نبينداس نارومل جي گهر وياسون. شري نبينداس جي گهر وڃڻ کان پوءِ حڪيم چيتنديو جن چيو ته آسڻ وڇايو ۽ آسڻ وِڇايو ويو. پوءِ حڪيم چيتنديو جن اسان ٻنهي کي چيو ته توهان مان هڪ ڄڻو هن آسڻ تي ويهي. تڏهن مون ڪاڪي دوهلانو مل کي چيو ته ڪاڪا توهان آسڻ تي وِهو. توهان مون کان وڏا آهيو. (ڪاڪو دوهلانومل مون کان عمر ۾ ڇهه مهنا وڏا هئا) ۽ ڪاڪو دوهلانومل جن آسڻ تي وينا. تڏهن حڪيم چيتنديو جن چيو ته مندر جي ڀيوتي

اُماڻي چڙهيو ۽ ڪين اِهو نہ ٻڌائجو تہ اسان وٽ هينئر ٻيو ماڻهو آيو آهي. جي ٻڌائيندا تہ پوءِ اُبتو ڪڙو چاڙهي چڙهيندا تہ پوءِ تڪليف ٿي پوندي. توهان هنن کي ٻُوٽ جي ٻاهر اُماڻي اچجو ۽ هنن پوءِ چيٽن جن جيئن چيو تيئن ئي ڪيو. پوءِ چيٽن جن پنهنجو علاج چالو ڪيو ۽ اُهو ٻالڪ پرشوتم داس مولچند چاڪ ٿي ويو. جو هاڻ ويساودر گجرات ۾ رهندو آهي. مانجهو ۾ منهنجا نانا ماما سيئي سنهنجي پتا چيٽنديو جن کي چيٽن ڪري ئي سڏ ڪندا هئا. تڏهن مون مکي صاحب تولارام سيتلداس جن کان پڇيو ماما توهان هيءَ ڪنهن جي ڳالهہ ٻڌائي آهي. جنهن تي مکي صاحب تولارام جن مونکي چيو تہ ”چاڳا هيءَ ڳالهہ تنهنجي پتا جي ئي ٻڌائي آهي.“ چو جو اِهو مکي صاحب منهنجي ماتا صاحب جو سؤٽ ٿيندو هو. ننڍي هوندي کان ئي سڀ مونکي چاڳو ڪري ئي چوندا هئا. ڳالهہ نِڪتي آهي تہ مان توهان کي چاڳي مل جي ڳالهہ ٿو ٻڌايان.

راجڪوٽ جي ڳالهہ آهي. آنءُ اجان ٢٠-٢١ سالن جو مس هئس. گهر ۾ ويٺا هئاسين تڏهن منهنجي پتا شري چيٽنديو جن مونکي چيو تہ اَڄ آنءُ توکي تنهنجي جنم جي ڳالهہ ٿو ٻڌايان. تنهنجو جنم اجا ڪونہ ٿيو هو تون اجا گربُ ۾ هئين، تڏهن سوامي ليلاشاهہ مهاراج جن جي ماتلي شهر سنڌ ۾ آيا هئا. سوامي ليلاشاهہ مهاراج جن اُتي اچڻ سان

3

سو راند ڪندڙ ٻارن مان هڪ ڇوڪرو نالو پرشوتمداس مولچند کوها جنهن کي سڀ ننڍي هوندي هولارام ڪري سڏ ڪندا هئا. اُهو ٻالڪ اُتي هڪ وڻ تي چڙهي ويو. اُن وڻ تي ڪو نانگ ويٺل هو. سنڌ ۾ نانگ کي، نانگ يا بلا هجي اُنکي سڀ بلا ئي چوندا هئا. جنهن نانگ پرشوتم مولچند کي چڪ پاتو. تڏهن ڇوڪرن يڪدم ڊوڙي گهر وڃي پنهنجي مائٽن سان اِها ڳالهه ڪئي ته هولارام کي نانگ چڪ پاتو آهي. مائٽ يڪدم ڇوڪري کي گهر کڻي ويا. پوءِ ٽِن مدارين کي گهرايائون. جن ٽن ڏينهن تائين گهڻي جهاڙ ڦوڪ ڪئي. پر ڇوڪري جي طبعيت ۾ ڪوبه ڦير ڪونه پيو، پر جيئن پوءِ تيئن طبعيت وڌيڪ خراب ٿيندي ويئي. تڏهن اوچتو منهنجو نياڻو شري چيتن مانجهو ٻوٽ ۾ ساهرن ۾ آيا. جڏهن پرشوتم مولچند وارن کي اِها خبر پيئي ته چيتن هتي مانجهو ٻوٽ ۾ آيا آهن، تڏهن اُنهن يڪدم وڃي چيتن جن سان سموري ڳالهه ڪئي ته هولارام کي نانگ چڪ پاتو آهي ۽ ٽي مداري ڪوني آيا آهيون جي جهاڙ ڦوڪ ڪري رهيا آهن پر ڇوڪري جي طبعيت ۾ ذرو به ڦير ڪونه پيو آهي. پر ڇوڪري جي طبعيت جيئن پوءِ تيئن وڌيڪ خراب ٿيندي ٿي وڃي. تڏهن چيتن جن اُنهن کي چيو ته توهان وڃي مدارين کي چئو ته توهان گهڻي محنت ڪئي آهي، هاڻ توهان پلي وڃو، ايشور جي جيڪا مرضي هوندي ۽ هو جيڪي به گهرن سو کين ڏيئي

ڇوڪرو هجي ته تنهن ڪري پاڻ هن ڇوڪري کي ڪا نشاني ڏيون. کهڙي نشاني.... کهڙي نشاني ائين چار پنج دفعا پاڻ ئي چئي ڪري چيائون ته پاڻ هن ڇوڪري کي ٻنهي هٿن ۾ ڇهه ڇهه آڱريون ڏيون جي ڇهه آڱريون هجن ته سمجهڻون پاڻ پڳوان کي چئي هن ڇوڪريءَ کي ڦيرائي ڇوڪرو بڻايو آهي. ڇوڪري کي ڇهه ڇهه آڱريون نه هجن ته پوءِ سمجهڻو هي اَڳہ ۾ ئي ڇوڪرو هو. تڏهن حڪيم ڇيتنديو يعني پتا جن گهر اچي چيو ته سوامي ليلاشاهه جن آشيرواد ڏنو آهي ته ڇهن آڱرين وارو ڇوڪرو ڄمندو. تڏهن ڇهن آڱرين واري ڇوڪري کي سڀ ڇاڳو ئي چوندا هئا سو منهنجي جنم کان اڳئي گهر جي سيني ڀاتين منهنجو نالو ڇاڳو رکي ڇڏيو هو. سڀ ائين ئي چوندا هئا ته هاڻ ڇاڳو ئي ڄمندو. پوءِ جڏهن منهنجو جنم ٿيو ته اُن وقت منهنجو نالو منگهارام پيو پر منهنجو نالو منهنجي جنم کان اَڳہ ئي ڇاڳو پئجي ويو هو. جو منهنجي ٻنهي هٿن ۾ ڇهه ڇهه آڱريون هيون. سو سيئي توکي ڇاڳو ئي چوندا هئا. سڀ مت مائٽ ۽ يار دوست جيڪي به هوندا هئا اِهي سڀ توکي ڇاڳو چئي سڏ ڪندا هئا. منگهارام سان ڪير به چئي ڪري ڪونہ سڏ ڪندو هو. هي ته هاڻ آنءُ پنهنجي ليکن، ڪويتائن وغيره ۾ پنهنجو نالو منگهارام لکندو آيو آهيان. تڏهن سيني کي خبر پيئي ته آنءُ منگهارام عرف ڇاڳومل ئي آهيان.

آنءُ روز سوامي ليلاشاه مهاراج جن سان گڏ سندن ڪرمنڊل ڪٽي جهنگل ۾ ويندو هوس. هڪ ڏينهن جهنگل ۾ ويندي رستي تي ٻه وڏا پٿر پيل ڏسڻ ۾ آيا. سوامي ليلاشاه مهاراج جن چيو تہ هي ٻہ پٿر اسان لاءِ ڪرسيون آهن. هاڻ پاڻ هتي ويهنداسون سو اُنهن پٿرن تي اسين ويهي پاڻ ۾ ڳالهيون ڪري رهيا هئاسين. تڏهن سوامي ليلاشاه جن مونکي چيو تہ تنهنجي گهر اُميد واري آهي؟ تڏهن مون چيومانس جي ... ها برابر منهنجي گهر اُميد واري آهي، تڏهن سوامي ليلاشاه مهاران جن وري مون کان پڇيو، ”ڇا ڄمندو ڌيءَ يا پُٽ؟“

'تڏهن مون وري جواب ڏنومانس حڪمت موجب تہ ڌيءَ ٿي لڳي.

تڏهن سوامي ليلاشاه مهاراج جن ڪجهہ نہ چئي ءِ سماڌي لڳائي ڏنو تہ برابر گرڀ ۾ ڇوڪري ئي آهي. پوءِ پنج منٽ چُپ رهي وري چيائون برابر گرڀ ۾ ڇوڪري ئي آهي هاڻ پاڻ ڀڳوان کي چئون ٿا تہ هن ڇوڪريءَ کي ڦيرائي ڇوڪرو بڻاءِ. تڏهن پتا جن چيس جيئن توهان جي مرضي.

تڏهن سوامي ليلاشاه جن چيو تہ هاڻ پاڻ ڀڳوان کي چئون ٿا تہ هن ڇوڪريءَ کي ڦيرائي ڇوڪرو بڻاءِ. هاڻ ڇوڪرو ئي ڄمندو. پوءِ اسان وري پاڻ ۾ ڳالهين ۾ لڳي وياسيون. ۵-۷ منٽ ڳالهيون ڪندي گذري ويا. جو سوامي ليلاشاه مهاراج جن وري مونکي چيو، ”ماڻهو چون تہ متان هي اَڳہ ئي

سوامي ليلاشاه مهاراج ۽ حڪيم چيتنديو جن ٻئي آهستي آهستي سمنڊ ۾ هلندا رهيا. جڏهن پاڻي چيلهه کان مٿي ٿي ويو تہ حڪيم چيتنديو جن سوامي ليلاشاه مهاراج جن کي چيو، ”سائين سمنڊ ۾ پاڻي وڌندو ٿو وڃي هاڻ آنءُ ڪيئن هلي سگهندس.“

تنهن تي سوامي ليلاشاهہ مهاراج جن چيس، ”آنءُ توکي هڪ منتر ٿو ٻڌايان. اِهو منتر تون چوندو منهنجي پٺيان هلندو هل.“ پوءِ حڪيم چيتنديو جن اِهو منتر چوندا سوامي ليلاشاه مهاراج جن جي پٺيان هلندا ويا. سوامي ليلاشاه مهاراج جن جي ڪرپاسان حڪيم چيتنديو جن کي پاڻي ڪجهہ نہ پيو ڪري ۽ اِهي آرام سان سوامي ليلاشاه مهاراج جن جي پٺيان پٺيان پاڻيءَ جي اَندر هلندا ويا ۽ آخر ۾ گهڻي وقت کان پوءِ ٻئي جڻا اچي دوارڪا پهتا. جتي ڪُهمي ڦري سڄي دوارڪا، جيڪا اصلي جهوني دوارڪا چئبي هئي، سا ڏنائون. جيڪا دوارڪا هاڻ پاڻ (اسان) ڏسندا آهيون اُها پوءِ جي نهيل آهي. جهوني دوارڪا ۾ گهمي ڦري حڪيم چيتنديو جن کي چيائون هيءَ دوارڪا اصلي آهي جتي ڪجهہ وقت ڪرشن ڀڳوان اچي رهيو هو ۽ هاڻ جيڪا دوارڪا آهي سا پوءِ جي نهيل آهي. سرڪار گهڻي محنت ڪري هيءَ جهوني دوارڪا ڳولهي لڌي آهي. پوءِ ليلاشاه ۽ حڪيم چيتنديو ٻئي هڪ هنڌ ويهي رهيا ۽ پاڻ ۾ ڪجهہ ڳالهين

ائين پوءِ آنءُ منگهارام جي نالي سان مشهور ٿي ويس. پر مت مائٽ سڀ اڃان مونکي ڇاڳو چئي سڏ ڪندا آهن.''

* * * * * * *

جهوني ڳالهه آهي. سوامي ليلاشاه مهاراج جن ويراول آيل هئا. ويراول جي سمنڊ ڪناري تي سڀ شيوڪ وينا گيان گوشٽ جون ڳالهيون ڪري رهيا هئا. تڏهن سوامي ليلاشاه مهاراج جن حڪيم چيتنديو جن ۽ شري مورومل چيتنداس ڏانڌا کي چيو ته هلو توهان کي مان اصلي دوارڪا گهمائي اچان. اصلي دوارڪا جيڪا اڳي هوندي هئي جا پوءِ سمنڊ ۾ گهرڪ ٿي ويئي هئي. هينئر جيڪا دوارڪا آهي سا پوءِ جي ٺهيل آهي. تڏهن شري مورومل چيتنداس ڏانڌا جن سوامي ليلاشاهه مهاراج جن کي چيو، ''سائين مونکي ڪونه هلڻو آهي.'' سوامي ليلاشاه مهاراج جن حڪيم چيتنديو جن کي ڪوني (وني) سمنڊ جي ڪناري تي آيا. تڏهن حڪيم چيتنديو جن سوامي ليلاشاه مهاراج جن کي چيو،''سائين پاڻيءَ منجهان کهڙي نموني هلبو. مونکي ته ترڻ ڪونه ايندو آهي.'' تڏهن سوامي ليلاشاه مهاراج جن چيو، ''هل ته سهي.'' پوءِ حڪيم چيتنديو جن پنهنجا ڪپڙا لاهي اُتي سمنڊ جي ڪناري تي رکيا. صرف گنجي ۽ ڪڇو بدن تي رهيل. پوءِ سوامي ليلاشاه مهاراج ۽ حڪيم چيتنديو جن ٻئي سمنڊ ۾ داخل ٿيا. پبلڪ اُتي ٻهي هي سڀ رنگ ڏسي رهي هئي.


ڪي سامهون ڏسي اپرچ مان نهارڻ لڳا. تڏهن سوامي ليلاشاهہ مهاراج جن اُنهن سيٺي شيوڪن کي چيو، ”رام رام، ڇا آهي توهان اسان کي وائڙن وانگر ڏسي رهيا رهيا آهيو.“ پوءِ تہ سڀ خوشيءَ ۾ اچي ويا ۽ سوامي ليلاشاه مهاراج جي جئہ جئہ ڪار جا نعرا هڻڻ لڳا. تڏهن اُنهن مان ڪِن اُتي بيٺل پوليس وارن کي چيو، هيءُ آهي اسانجو مهاتما ۽ هيو اُن جو شيوڪ، جي صبح جو ١٠-١١ بجي سمنڊ ۾ ويا هئا. جي ٻئي هيئنئر نڪتا آهن. توهان سيٺي جي مهرباني جو توهان اسان جي خوب مدد ڪئي آهي، هاڻ توهان ڀلي وڃي سگهو ٿا. تڏهن پئنچن سوامي ليلاشاهہ مهاراج جن کي چيو، ”سائين توهان ڪيڏانهن هليا ويا هئا. ڪافي وقت گذري وڃڻ ڪان پوءِ اسان ائين سمجهو تہ ٻہ اڍائي ڪلاڪ گذري ويا آهن توهان سمنڊ مان نڪتا ڪونہ تنهن ڪري اسان کي ائين لڳو تہ توهان ۽ حڪيم چيتنديو ٻئي سمنڊ ۾ ٻُڏي ويا آهيو. سو اسان پوليس ۾ فرياد داخل ڪرائي تہ اسان جو مهاتما ۽ سندس شيوڪ سمنڊ ۾ ويا آهن جنهن کي اڍائي ٽي ڪلاڪ گذري ويا آهن پر ٻئي اجان تائين سمنڊ مان نڪتا ڪونہ آهن. پوليس کي ٽوٻا گهرايا اُنهن ٻہ سمنڊ ۾ خوب جاچ ڪئي پر توهان ٻنهي جو پتو ڪونہ پيو. هاڻ توهان ٻئي اسان سيٺي جي سامهون بيٺا آهيو تہ اسان سيٺي ۾ ساهہ پيو آهي.“ تڏهن سوامي ليلاشاه مهاراج جن چيو، ”برابر

جي روح رحاڻ ڪيائون.

هوڏانهن ويراول جي سمنڊ ڪناري تي ويٺل سوامي ليلاشاه مهاراج جي شيوڪن ڏٺو ته ڏيڍ ٻه ڪلاڪ گذري ويا آهن، پر سوامي ليلاشاه مهاراج ۽ حڪيم چيتنديو جن جو اجان تائين ڪوبه پتو نه پيو آهي. هو اجان آيا ڪونه آهن. الائجي ٻُڏي ويا آهن ڇا؟ آخر سماج جي اڳوانن پاڻ ۾ صلاح ڪري هنن وڃي پوليس ۾ فرياد لکائي ته اسان جو هڪ مهاتما ۽ ٻيو اُن جو شيوڪ گهڻو وقت ٿيو آهي سمنڊ ۾ ويا آهن ڏيڍ ٻه ڪلاڪ گذري ويا آهن پر اجان واپس نه موٽيا آهن. اُن مهاتما جي شيوڪ جا ڪپڙا هتي ڪناري تي پيا آهن. پوليس پوءِ ڪن ٽوٻن کي گهرايو. جن سمنڊ ۾ اوسي پاسي خوب ڳولها ڪئي پر سوامي ليلاشاه مهاراج ۽ اُن جي شيوڪ جو ڪوبه پتو ڪونه پيو. ائين ڇڱو وقت گذري ويو. سيني جي مُنهن تي مايوسي ڇانئجي ويئي. شام جا پنج ڪن لڳا هوندا. سڀ سنڌي اُتي سمنڊ ڪناري تي وينا ئي رهيا. سيني جا مُنهن لهي ويا هئا ڇاڪاڻ ته سوامي ليلاشاه مهاراج ۽ اُن جو شيوڪ حڪيم چيتنديو ٻئي اجان آيا نه هئا. پڪ هو ٻئي سمنڊ ۾ ٻُڏي ويا آهن. پر تڏهن سوامي ليلاشاه مهاراج ۽ اُن جو شيوڪ حڪيم چيتنديو ٻئي اوچتو سمنڊ مان نڪتا ۽ اچي چيائون، ”جئه رامجي ڪي.“ سڀ اُتي ويٺل سنڌي سوامي ليلاشاه مهاراج ۽ اُن جي شيوڪ حڪيم چيتنديو ٻنهي

ڳالھ آھي اسان کي تہ تمام گھڻو وقت لڳي ويو آھي. جو جو اسان گھڻو پري اصلي دوارڪا ڏسڻ ويا ھئاسين ۽ اِھا دوارڪا سمنڊ ۾ اندر غرق آھي سا ڏسي آيا آھيون.'' پوءِ آھستي آھستي سڀ اُتان ھليا ويا ھئا.

ھڪ دفعي سوامي ليلاشاہ مھاراج جن جيتپور ۾ آيل ھئا. جتي منگھارام جو ڪاڪي سھرو شري ڪرمچند ليلارام ڪاڪو پوٽا بہ رھندو ھو. حڪيم چيتنديو جن سان گھرو رستو ھوندو ھو. اِھي پاڻ ڪي سيڻ نہ پر دوست ئي سمجھندا ھئا. سو ڪرمچند جن ڇا ڪيو جو پٽو فوٽ سوا جو ڪٽي اُن تي پينٽر ڪان لکايو ''شري ليلاشاہ دواخانا'' ۽ ھيٺان جيتپور لکائي رکي ڇڏيو ھو. ھڪ ڏينھن سوامي ليلاشاہ مھاراج جن حڪيم چيتنديو جن جي ڪارخاني تي ست سنگہ جو پروگرام رکيو ھو. شري ڪرمچند ليلارام ڪاڪو پوٽا جن ڇا ڪيو جو اِھو پٽو جنھن تي ھن سوامي ليلاشاہ دواخانا ۽ ھيٺان جيتپور لکائي رکيو ھو اِھو پٽو ڪارخاني جي آفيس ۾ جتي حڪيم چيتنديو جنھن ڪرسيءَ تي ويھندا ھئا اُن ڪرسيءَ جي پٺيان ٿورو مٿي اِھو پٽو ڪوڪا ھڻي پِٽ تي اٽڪائي ڇڏيو ھو ۽ حڪيم چيتنديو جي دوائن جون شيشيون ۽ شيشا جن ۾ حڪيم چيتنديو جن دوائون وجھي رکندا ھئا. اِھي شيشا ۽ شيشيون ٻاھر ڪڍي ٽيبل جي ٻنھي پاسي لائين ڪري رکي ڇڏيا ھئا ۽ آفيس جو دروازو صرف ورائي ڇڏيو ھو جڏھن



سوامي ليلاشاهہ مهاراج جن ست سنگہ پورو ڪيو تڏهن سوامي ليلاشاهہ مهاراج جن چيو هاڻ ستسنگہ پورو ٿيو آهي، هاڻ هلو. تڏهن شري ڪرمچند ليلارام ڪاڪو پوٽا جن سوامي ليلاشاه مهاراج جن کي عرض ڪري چيو، سائين هڪ منٽ هيڏانهن بہ هلو ۽ آفيس جو دروازو کولي اندر آفيس ۾ هلڻ لاءِ عرض ڪيو، تڏهن سوامي ليلاشاه مهاراج جن چيو : اندر ڇا آهي؟ ڪهڙو ڪم آهي؟ تڏهن شري ڪرمچند ليلارام جن وري چيو، سائين توهان اندر تہ اچو ۽ سوامي ليلاشاهہ مهاراج جن اَندر آفيس ۾ داخل ٿيا ۽ حڪيم چيتنديو جن جنهن ڪرسيءَ تي ويهندا هئا، اُن ڪرسيءَ تي ويهڻ لاءِ چيو ۽ سوامي ليلاشاه مهاراج جن اُن ڪرسيءَ تي ويهي رهيا. تڏهن شري ڪرمچند ليلارام جن سوامي ليلاشاه جن کي وري عرض ڪري چيو، سائين هي سڀ دوائون حڪيم چيتنديو جن جون ٺهيل آهن جي هنن شيشن ۾ پريل آهن. هنن شيشن ۽ شيشين کي توهان آشيرواد ڪريو.'' تڏهن سوامي ليلاشاهہ مهاراج جن اُنهن دوائن وارن شيشن ۽ شيشين ڏانهن نهاريو پوءِ ڪجهہ ويچاري شري ڪرمچند ليلارام جن کي چيائون، ''هنن شيشن ۽ شيشين کي ڇا آشيرواد ڪريان آنءُ تہ حڪيم چيتنديو جن کي ٿي ٿو آشيرواد ڏيان تہ چيتنديو جن جي ڪنهن بہ دوا جي ڪابہ پڙي واپس نہ ڦرندي هميشه فائدو ٿي ڪندي.'' ۽ شري ڪرمچند ليلارام جن کي چيائون، ''بس



مريضن کي دوائون ڏيندا هئا ۽ مريضن جو ڳاڙو پيو هلندو هو. ٻيو احمدآباد ۾ شري شنڪر لعل جُهمڙومل مٽي نگر، سنڌي مارڪيٽ ۾ دڪان نمبر ١٦ هوندو هئو. شري شنڪرلعل جُهمڙومل ۽ ٻيا ڪي سنڌس ساٿي پڻ هوندا هئا، جي ٿوري گهٽي ننڍين بيمارين جي دوا ڏيندا هئا. اُنهن حڪيم چيتنديو جن جو نالو ڪافي ٻُڌو هو تہ هو سنو حڪيم آهي ۽ ڪافي آزمودگار ۽ گهڻو مشهور آهي. تڏهن هنن وٽ ڏونگري جي مهاراجن جو ڪيس آيل هو. ڊونگريجي مهاراج جن کي ڊايابيٽيس جي تڪليف هئي. شري شنڪر لعل ڏونگريجي مهاراج جي ڪافي دوا ڪئي هئي پر اُن کي فائدو ڪونہ پيو هو تڏهن شنڪرلعل حڪيم چيتنديو جن وٽ آيا. سچي حقيقت ڪئي تہ ڏونگريجي مهاراج جن جي شيوا ڪرڻي آهي. اسان کي اُن جي دوا پڻ ڏيو ۽ دوائون ناهڻ پڻ سيکاريو. اُنهن جي سنستا جو نالو هو ''مانو شيوا آشرم.'' هو هفتي ۾ ٻہ ڏينهن يعني ڇنڇر ۽ وسپت ڏينهن رات جو مريضن کي دوائون ڏيندا هئا. تڏهن حڪيم چيتنديو جن اُنهن جي ڳالهہ مڃي ڏونگريجي مهاراج لاءِ دوا ڏيڻ جي ها ڪئي ۽ زبان پڻ ڪئي تہ آنءُ توهان کي دوائون ناهڻ پڻ سيکاريندس ۽ اُن ڏونگريجي مهاراج جن جي دوا ڏيڻ لاءِ آنءُ پاڻ يعني منگهارام 'ديوانو' احمدآباد ڪٽي ويو هوس. سوامي ليلاشاه مهاراج جي ڪرپا اِهو ڏونگريجي مهاراج بلڪل

ھاڻ تہ خوش ٿيا.'' تڏھن شري ڪرمچند ليلارام جن وري چيو، ''سائين توھان جي آسيس سدائين ڪپي.'' جنھن تي سوامي ليلاشاه جن وري چيو، ''منھنجي توھان سيني تي سدائين آسيس آھي.'' ائين چئي سوامي ليلاشاه مھاراج جن ڪرسيءَ تان اُٿي آفيس جي ٻاھر نڪري آيا ۽ پوءِ ٻئي ھنڌ ستسنگ ڪرڻ لاءِ روانا ٿي ويا.

* * * * * * *

حڪيم چيتنديو جن جون مريضن کي دوائن ڏيڻ جون ٻہ برانچون پڻ ھونديون ھيون پھرين ھئي آگرا شھر ۾ شري ٿتومل لاڏ ڪرام شاه گنج ۾ رھڻ جو مڪان ۽ بزار ۾ مڏو ٽيڪسٽائيل اجيت مارڪيٽ ۾ ساڙھين جو ھول سيل دڪان ھوندو ھو. اُتي پڻ ٢-٣ مھني ويندا ھئا. شري ٿتومل اُتي مريضن کي تاريخ ٻڌائي ڇڏيندا ھئا. اُن تاريخ تي حڪيم چيتنديو آگرا پھچي ويندا ھئا ۽ مريض اُن تاريخ تي اُتي ايندا ھئا. حڪيم چيتنديو جن اُتي اُنھن جي طبعيت ڏسي اُنھن کي دوائون پڻ ڏيندا ھئا. دوائون اُتي رکيل پڻ ھونديون ھيون ۽ ٻيون پاڻ سان کڻي پڻ ويندا ھئا. پوءِ طبعيت جي گھٽا وڌيءَ لاءِ ڪڏھن ٽپال لکي احوال ٻڌائيندا ھئا، ڪڏھن تڪڙو احوال ھجي تہ فون پڻ ڪندا ھئا. حڪيم چيتنديو جن سمورو احوال ڄاڻڻ کان پوءِ احوال لکندا ھئا نہ تہ ٽيليفون پڻ ڪندا ھئا، اُن موجب شري ٿتومل جن

وٺي ويندا هئا ۽ اُتي شهر وارن کي چوندا هئا تہ آنءُ
پنهنجو ڪمپائونڊر ڪوٺي آيو آهيان ۽ شهر وارن کي چوندا
هئا تہ توهان کي ڪابہ تڪليف هجي يعني بيماري تہ
منهنجي هن ڪمپائونڊر کي طبعيت ڏيکارجو. جو ڪجھ
وقت کان پوءِ وري حڪيم چيتنديو جن کي ڪوٺي ويا هئا
تہ سيني کي اُتي اِئين چوندا هئا تہ آنءُ پنهنجي حڪيم
کي گڏ ڪوٺي آيو آهيان. هڪ دفعي سوامي ليلاشاه مهاراج
جن سان گڏ وڃڻ ٿيو. سوامي ليلاشاه مهاراج جن گهمندي
ڦرندي وڃي آگري پهتا هئا. هڪ ڏينهن آگري جي هڪ
باغيچي ۾ ستسنگ ڪري رهيا هئا، تہ سوامي ليلاشاه مهاراج
جي هڪ شيوڪ شري ناڪومل جي ماتا صاحب جي طبعيت
خراب هئي. گهڻئي ڊاڪٽرن کي طبعيت ڏيکاري هئي. پر
فائدو نہ پيو ٿئي. سوامي ليلاشاه مهاراج جن جو هڪ باغيچي
۾ ستسنگ هلي رهيو هو. سو شري ناڪومل جن پڻ باغيچي ۾
اُتي آيا ۽ سوامي ليلاشاه مهاراج جن کي عرض ڪيائون تہ
سائين منهنجي ماتا صاحب جن جي طبعيت نيڪ نہ آهي
توهان هلو ۽ هلي طبعيت ڏسو. تڏهن سوامي ليلاشاھ مهاراج
جن چيو تہ هينئر ستسنگ چالو آهي. تون ڪنهن ڊاڪٽر کي
ڏيکار. جنهن تي شري ناڪومل جن ڪُڇيا ڪونہ ۽ اُتان هليا
ويا. ٿوري دير کان پوءِ ٻيهر شري ناڪومل جن اچي چيو
سائين ڊاڪٽرن کي طبعيب ڏيکاري آهي. ڊاڪٽرن جواب

نيڪ ٿي ويو هو. پوءِ جڏهن بہ حڪيم چيتنديو جن احمدآباد ويندا هئا تہ پوءِ شري شنڪرلعل جمرومل جن وٽ ويندا هئا ۽ جيترا ڏينهن بہ احمدآباد ۾ رهندا هئا اوترا ڏينهن اِهي شنڪرلعل جُهمڙومل کي دوا جي بڻي چاڙهڻ ۽ ٻيون دوائون سيکاريندا هئا. احمدآباد ٻي - ٽي مهني وڃڻ ٿيندو هو، ڇو جو منهنجا ساهرا سيٺ شري دوهلانو مل احمدآباد مٽي نگر ۾ ٿي رهندا هئا. آهستي آهستي شري شنڪرلعل جي دوائن سٺو اثر ڏيکاريو هو ۽ شنڪر لعل حڪيم طور مشهور ٿي ويا هئا. آنءُ يعني منگهارام 'ديوانو' جڏهن بہ ساهري گهمڻ ويندو هوس ۽ شنڪرلعل جن ٻُڌندا هئا تہ حڪيم چيتنديو جو پٽ منگهارام آيو آهي تہ پوءِ مونکي پڻ اِسپتال کوني ويندا هئا ۽ گروءَ جي آسڻ تي ويهاريندا هئا. ڪڏهن ڪڏهن اهڙي ڪا ڳالهہ هوندي هئي تہ اُن مهل ٿي مونکان پڇندا هئا تہ هاڻ هن مريضن کي ڇا ڏجي يا ڇا ڪجي. ڀلي مونکي پوري دوا جي ڄاڻ نہ هوندي هئي پر تڏهن ڪجهہ نہ ڪجهہ آنءُ حڪيم شنڪرلال جن کي جواب ڏيندو هوس.

*　*　*　*　*　*　*

شروع ۾ سوامي ليلاشاه مهاراج جن حڪيم چيتنديو کي اڪيلو ٿي ماڻهن جي شيوا لاءِ موڪليندا هئا ۽ چوندا هئا تہ جنهن شهر ۾ ڪوبہ اهڙو ڏُکي يا بيمار ماڻهو ڏسو تہ اُن جي شيوا ڪرڻي. ڪڏهن وري پاڻ سان گڏ پڻ ڪوني

پيئي سگهي. پوءِ اُتي بيٺل ڪن شخص اُن مائيءَ کي اُٿاري وهاريو. سيٺي جي مُنهن تي خوشي اچي ويئي. تڏهن شري ناڪومل چيو تہ منهنجي ماتا تہ مئل جهڙي پيئي هئي ڇُري پُري ڪونہ پيئي سو توهان جي دوا سان هوءَ جيئري ٿي ويئي آهي. سو اِها ڳالهہ سڄي شهر ۾ ڦهلجي ويئي تہ ناڪومل جي ماتا صاحب جا چڻ مئل جهڙي پيئي هئي، جنهن کي ڊاڪٽرن جواب ڏيئي ڇڏيو هو سا حڪيم چيتنديو جن جي دوا سان چاڪ ٿي ويئي آهي.

سوامي ليلاشاه مهاراج سان گڏ گهمڻ ڪري حڪيم چيتنديو جن جو نالو سڄي هندستان ۾ حڪيم طرح مشهور ٿي ويو هو.

* * * * * * *

سوامي ليلاشاه مهاراج جن جا شيوڪ سڄي هندستان ۾ جتي ڪٿي هوندا هئا. هندستان کان سواءِ هندستان کان ٻاهر بہ رهندا هئا. جيئن تہ سينگاپور، ملايا، هانگ ڪانگ، جاپان وغيره ۾ شيوڪ رهندا هئا. ڪڏهن اِهي شيوڪ ليلاشاه مهاراج جن کي پرديش ۾ پڻ گهرائيندا هئا ۽ سوامي ليلاشاه مهاراج جن کي پرچار لاءِ اُتي ڪوٺي ويندا هئا. جسلوڪ، ٽاٽا ۽ ڪي. اي. ايم. اِهي اِسپتالون هندستان ۾ گهڻيون ئي مشهور آهن. جتي سڄي هندستان مان ڪٿان ڪٿان جا مريض ايندا آهن ۽ صفا ٿي ويندا آهن. سوامي

ڏنو آهي. تڏهن سوامي ليلاشاهه مهاراج جن چيو، ڏسين ڪونه تو هتي ستسنگ هلي رهيو آهي ۽ اچيو ستسنگ ۾ ينگه وجين. اُن وقت حڪيم چيتنديو جن به اُتي سوامي ليلاشاهه مهاراج جن جي پرسان وينل هئا جو سوامي ليلاشاهه مهاراج جن کين گڏ پاڻ سان ڪوني آيا هئا. تڏهن حڪيم چيتنديو کي چيائون ته چيتنديو تون وڃي ناڪومل جن جي ماتا جي طبعيت ڏس. هن کي هتان ڪڍ. ڏسين ڪونه تو ته ستسنگ ۾ ينگه پيو وجهي. تڏهن حڪيم چيتنديو جن سوامي ليلاشاهه مهاراج جن کي چيو، سائين آن ۽ ناڪومل جي ماتا صاحب جي طبعيت ڏسان ۽ مونکي ائين لڳي ته هن کي فلاڻي دوا ڏيڻ گهرجي ۽ اِها دوا مون وٽ پيل هجي ته پوءِ ڏيان کي نه؟ جنهن تي سوامي ليلاشاهه مهاراج جن چيو پلي ڏي، توکي چوٽ آهي ۽ حڪيم چيتنديو جن شري ناڪومل جن سان گڏ سندس گهر ويا جتي ناڪومل جي ماتا مئل جهڙي حالت ۾ پيل هئي. حڪيم چيتنديو جن ناڪومل ماتا جي نبض ڏسي کيس هڪ دوا ڏيئي چيائون ته هيءَ دوا کيئن به ڪري هن کي پياريو. ناڪومل جي ماتا صاحب کي کيئن به ڪري دوا جي هڪ پُري پياريائون. دوا مائيءَ جي پيٽ ۾ هلي ويئي. اَڌ ڪلاڪ ڪان پوءِ ناڪومل جي ماتا جي شرير ۾ توري هل چل ڏسڻ ۾ آئي. ائين بئي اَڌ ڪلاڪ ۾ مائيءَ ۾ هلچل چالو ٿي ۽ پوءِ آهستي آهستي اُٿڻ جي ڪوشش ڪيائون، پر اُٿي نه

برهم کتري سماج جا سِتارا هئا سندن پتا جو نالو شري ڦوپٽداس هو ۽ ماتا جو نالو هيمي ٻائي هو. ٽُڪ ٽاٽاريا هئن، پر اُنهن پنهنجي حياتي ۾ ڌرم جا چار پُٽ ڪيا هئا. جن ۾ پهريون نمبر يعني وڏو هو شري وير ڀان ساگر. جو هميشه سوامي ليلاشاه مهاراج جن سان گڏ ئي رهندو هو. ٻيو نمبر پُٽ شري يوڄراج ڪيسواڻي اُپليتا وارا هوندا هئا، جن کي حڪيم چيتنديو جن ئي سوامي ليلاشاه مهاراج جن وٽ ڪوني ويا هئا. ٽيون نمبر پٽ شري هيمنت ڪمار تولاڻي هئا جو اَڄ آديپور ڪڇ ۾ رهندا هئا. جو سوامي ليلاشاه مهاراج جن جهوناڳڙه ۾ سنڌي اِسڪول چالو ڪرائي اُتي ڪين هيڊ ماستر بڻائي رکيو هو، جو جهوناڳڙه جو اِسڪول بند ٿي وڃڻ کان پوءِ هو واپس آديپور ۾ رهڻ هليا ويا هئا. جي هاڻ اِهي اُتي ئي رهندا آهن ۽ چوٿون نمبر پٽ سيني کان ننڍو پٽ ڪيائون حڪيم چيتنديو يوڄراجمل ڏانڊا. جنهن کي برهم کتري سماج ’ديوَ‘ جي نالي سان گهڻا سڃاڻيندا هئا.

هڪ دفعو سوامي ليلاشاه مهاراج جن جي طبعيت ڪجهه نيڪ نه هئي. اُنهن حڪيم چيتنديو جن کي سندن لاءِ دوا ٺاهي کڻي اچڻ واسطي چيو هو. ٻئي پاسي ويرڀان ساگر جو اَندريون ضد هو ته سوامي ليلاشاه مهاراج جن ڪيڙٿل هلن ۽ اُتي هو پنهنجو چولو ڇڏين. ڇو جو ڪيڙٿل ۾ وير ڀان ساگر جا مائٽ رهندا هئا. جو سوامي ليلاشاه مهاراج جن ڪيڙٿل ۾

ليلاشاه مهاراج جا كيترا ئي مريضن اُنهن اِسپتالن ۾ دوا لاءِ ويندا هئا، اُنان گهڻا مريض چاڪ ٿي ايندا هئا. ڪي مريض اهڙا به هوندا هئا جو اُنهن کي اُتي فائدو نه ٿيندو هو. پوءِ اِهي مريض سوامي ليلاشاه مهاراج جن وٽ ويندا هئا ۽ سوامي ليلاشاه مهاراج سان سموري ڳالهه ڪندا هئا. تڏهن سوامي ليلاشاه مهاراج اهڙن مريضن کي هِتي جيتپور ۾ موڪليندا هئا ۽ لکندا هئا ته هنن جي شيوا ڪرڻي آهي ۽ اِهي مريض هِتان سوامي ليلاشاه جن جي آشيرواد سان چاڪ يعني بلڪل صفا پائي ويندا هئا.

هڪ دفعي سوامي ليلاشاه جن جيتپور ۾ پڌاريل هئا. تڏهن حڪيم چيتنديو جن سوامي ليلاشاه مهاراج جن کي چيو، ''سائين توهان ههڙا مريض هِتي اسان وٽ موڪليو ٿا جي ڊاڪٽرن نا علاج ڇڏي ڇڏي ڏنا آهن.'' تڏهن سوامي ليلاشاه مهاراج جن چيو ته ''اِهي مريض مان سوچي سمجهي ڪري هِتي موڪليندو آهيان. اِنهن جي بيماري ته آنءُ لاهي ڇڏيندو آهيان. پر اِنهن کي اِئين لڳي ته اسان حڪيم چيتنديو جي دوا کئي آهي ۽ اسان جيتپور مان حڪيم چيتنديو جن وٽان چاڪ ٿي آيا آهيون. سو تون ڪا به چنتا نه ڪر ڇاتيءَ تي هٿ هڻي، چوندا هئا ته آنءُ جو وينو آهيان.''

* * * * * * *

سوامي ليلاشاه مهاراج جن بال برهمچاري هئا. هو

جن کي احوال ڏنو تہ سوامي ليلاشاھ مهاراج جن ھِتي پالنپور ۾ چولو ڇڏيو آھي ۽ توھان آديپور پهچي وڃو، جتي سوامي ليلاشاھ مهاران جن کي سماڌي ڏيڻي آھي، پالنپور مان فون کيو ويو. فون اچڻ تي حڪيم چيتنديو جن آديپور لاءِ روانا تي ويا ۽ سوامي ليلاشاھ مهاراج جو ديھہ پڻ آديپور پهچي ويو ھو. جتي ٽرسٽين حڪيم چيتنديو جن کي چيو تہ سوامي ليلاشاھ مهاراج جن کي سماڌي ڏيڻي آھي. جنهن تي حڪيم چيتنديو جن چيو تہ ”سائين جن تہ ھميشه ائين چوندا ھئا تہ جڏھن منهنجا سؤ سال پورا ٿين تہ پوءِ منهنجو شرير جل پروان ڪجو. جيئن جيو جنتو منهنجي شرير کي کائي خوش ٿين.“ جنهن تي ٽرسٽين چيو تہ اسانکي ويرپان ساگر چيو آھي. تڏھن حڪيم چيتنديو جن وير يان ساگر کي چيو تہ سماڌي چو؟ سوامي ليلاشاھ مهاراج جن تہ ھميشه ائين چوندا ھئا تہ جڏھن منهنجا سؤ سال پورا ٿين تہ پوءِ مونکي توھان جل پروان ڪجو جيئن جل جا جيوَ جنتو منهنجو شرير کائي خوش ٿين. جنهن تي وير يان ساگر چيو تہ اِھا ڳالھہ برابر آھي پر مون سائينءَ کان سندن سماڌيءَ جي موڪل ورتي ھئي. تنهن ڪري ھاڻ سائين جن کي سماڌي ڏيڻي آھي. پوءِ سوامي ليلاشاھ مهاراج جن کي اُتي ليلاشاھ آشرم ۾ سماڌي ڏني ويئي.

سوامي ليلاشاھ مهاراج جن جي پرلوڪ پڌارڻ تي حڪيم چيتنديو جن نندي پٽ جي حيثيت ۾ ۽ سوامي

چولو ڇڏين تہ پوءِ ھو اُتي ڪيڙتل ۾ ئي سوامي ليلاشاھ جن جي سماڌي ناھي اُتي رھن. سو اِن لڪ چوريءَ آگرھہ جون ٽڪيتون گھرائي رکيون ھيون. ھيڏانھن حڪيم چيتنديو جن آديپور ٽپال لکندا ھئا تہ سوامي ليلاشاھ مھاراج جن ھن وقت ڪٿي آھن. جو ھو سڌو اُتي وڃي ڪين دوا ڏئي، بہ ٽي ٽپالون لکڻ سان بہ آديپور مان ڪو حال احوال ڪونہ آيو ھو تہ سوامي ليلاشاھ مھاراج آديپور ۾ آھن يا ڪنھن ٻئي پاسي ويل آھن . اِن وقت شري مھاديومل جي پتا شريءَ جي ورسيءَ جو پروگرام ھلي رھيو ھو. سو سوامي ليلاشاھ مھاراج جن چيو تہ چيتنديو اجان دوا ڪٽي ڪونہ آيو آھي ٻيو ويريان ساگر ضد ڪيڙتل ھلڻ جو لڳو پيو آھي. سو سوامي ليلاشاھ مھاراج جن چولو ڇڏڻ جو ويچار ڪيو ھو، جي پاڻ اُتي چولو ڇڏيندا تہ ٺيڪ نہ رھندو. ڇو جو پاڻ ئي مھاديومل ڪي سندن پتا جي ورسي ملھائڻ لاءِ چيو ھو. سوامي ليلاشاھ مھاراج پوءِ آديپور مان پالنپور ۾ ھليا آيا. جتي يوجراج ڪيسواٽي اَپليتا واري جو پٽ اُن ڪي ڇپائون تون گيتا جو پاٺ ڪر. آنءُ ھتي ئي چولو ٿو ڇڏيان. چيتن ديو اجان دوا ڪٽي ڪونہ آيو آھي. ٻيو ويريان آگرھہ ھلڻ لاءِ ضد ڪري ويٺو آھي. سو سوامي ليلاشاھ مھاراج جن اُتي پالنپور ۾ ئي پنھنجو چولو ڇڏيو. جتان سرگس جي روپ ۾ ٽرڪ ۾ رکي گھمائي ڦيرائي آديپور ڏانھن وٺي ويا. اُنھن اُتان پالنپور مان ئي حڪيم چيتنديو

بنسي لعل کي پٽ ڪيو هو ۽ حڪيم چيتنديو وٽ حڪمت پڻ سکندو هو ۽ ڪارخاني ۾ ننڍو وڏو ڪم پڻ ڪندو هو. اُن بنسي لعل کي آشرم جي ۽ سماڌيءَ جي پوڄا ڪرڻ لاءِ پوڄاريءَ طور ڪري ويهاريو. هڪ دفعي پوڄاري بنسي لعل جن کي ڪجهه وقت لاءِ ٻاهر ٻئي شهر گهمڻ لاءِ وڃڻو هو ته حڪيم چيتنديو جو وڏو پوٽو ڀڳوانداس پٽ منگهارام ديوانو اِهو ته مهنا اُتي آشرم تي سماڌيءَ جي پوڄا لاءِ رهو هو، جنهن پڻ سٺي نموني اُتي رهي سماڌيءَ جي سٺي شيوا ڪئي هئي. شري پوڄاري بسني لعل اُتي سماڌيءَ تي رهندي سماڌيءَ تي ايندڙ ياترين کي جن کي ڪا تڪليف هوندي هئي ته اُنهن کي دوا پڻ ڏيندو هو.

سوامي ليلاشاهه مهاراج جن حيات هوندي اِهي ڪيترائي مريض حڪيم چيتنديو جن وٽ جيتپور موڪليندا هئا ۽ لکندا هئا ته هنن بيمارن جي شيوا ڪرڻي آهي. حڪيم چيتنديو جن هميشه تيار هوندا هئا ۽ اِنهن جي شيوا ۾ لڳي ويندا هئا. ڪيترا اهڙا مريض به هوندا هئا جو اُنهن کي اسان وٽ رهندي ڪن کي ڏهه ڏينهن، ڪن کي ١٥ ڏينهن هِتي رهي اُن جي دوا درمل ڪرڻي پوندي هئي. ڪي اهڙا به هوندا هئا جن کي مهنو ڏيڍ مهنو رکي دوا درمل ڪرڻي پوندي هئي. مون منگهارام ديوانو جي قسمت پڻ سٺي هئي جو مونکي اُنهن مريضن جي شيوا ڪرڻ جو

ليلاشاه جن جي ڪيل آگيا سان پني رکي هئي ۽ ٻارهي جو ڪريا ڪرم پڻ ڪيو هو. سوامي ليلاشاه مهاراج جن پنهنجو چولو ڇڏڻ کان پهرين آگيا ڪئي هئي ته منهنجو ڪريا ڪرم چيتنديو جن کي ڇئجو ته ڪريا ڪري ٻارهي جو ڪاريه پوري ٿيڻ کان پوءِ سوامي ليلاشاه آشرم آديپور ڪڇ ۾ ڪين سماڌي ڏني ويئي. سوامي ليلاشاه مهاراج کي ڏنل سماڌيءَ جي گاڏي حڪيم چيتنديو پوڄراجمل جن جي هئي. ٿوري وقت کان پوءِ ويرياڻ ساگر حڪيم چيتنديو جن کي عرض ڪيو ته سوامي ليلاشاه مهاراج جن مونکي به پٽ ڪيو آهي. جنهن ڪري هاڻ آنءُ پڻ برهم ڪتري آهيان ۽ توهان مونکي گاديءَ تي ويهاريو ۽ حڪيم چيتنديو جن پاڻ سوامي ليلاشاه مهاراج جن جي آشرم جي گادي پاڻ نه سنڀالي شري ويرياڻ ساگر کي گاديءَ تي ويهاريو. پوءِ ويرياڻ ساگر جي سني نموني ۾ سوامي ليلاشاه آشرم ۾ سَماڌيءَ جي گاديءَ جي سني نموني شيوا پي ڪئي.


ويرياڻ ساگر جي پرلوڪ پڌارجڻ تي سوامي ليلاشاهه آشرم جي ٽرسٽين حڪيم چيتنديو پوڄراجمل جن کي چيو ته ڪو ماڻهو ڏيو ته اُن کي آشرم جي سماڌيءَ تي ويهاريون. شري بنسي لعل، جو حڪيم چيتنديو پوڄراجمل جو ڌرم جو پٽ هو، جو حڪيم چيتنديو جن وٽ ئي رهندو هو ۽ سوامي ليلاشاه مهاراج جن جي چوڻ سان ئي حڪيم چيتنديو جن

موقعو مليو هو. مون ڪان وڌيڪ تہ بنسي لعل شيوا ڪندو هو ۽ جيڪي مريض هِتي رهي دوا درمل ڪرائيندا هئا اُنهن مريضن جي روٽي پاڻي پڻ اسان وٽ ئي هوندي هئي. اِهي مريض سوامي ليلاشاه مهاراج جن جي ڪرپا سان سڀ چاڪ ٿي ويندا هئا ۽ اِهي خوش ٿي هِتان پنهنجي گهر ڏانهن ويندا هئا. حڪيم چيتنديو پوچراجمل ڏانڊا جن اٺڪل اسي سالن جي عمر ۾ تاريخ ١٩-١٠-١٩٩٤ ٻُڌر ڏينهن چالاڻو ڪيو. حڪيم چيتنديو جي ٻارهي تي ڪيترائي مٽ مائٽ، يار دوست ۽ اِهي بيمار جي حڪيم چيتنديو جن وٽان شفا پائي ويا هئا-سي ڪيترائي آيل هئا. اِن ٻارهي تي شري هيمنت ڪمار تولاڻي بہ آيل هئا. جن اُن وقت چيو هو ياءُ چيتنديو جن گذري وڃڻ ڪري، هاڻ آنءُ اڪيلو ئي سوامي ليلاشاه مهاراج جو پٽ بچيوَ آهيان. ائين تہ هيمنت ڪمار تولاڻي اسان وٽ گهڻا دفعا اچي رهندا هئا ۽ ڪڏهن سگهڙا پڻ ايندا هئا.


حڪيم چيتنديو جن وٽان جيڪي مريض دوا وٺي ۽ شفا پائي ويا هئا، اِهي شخص اجان حڪيم چيتنديو جن کي ياد ڪندا آهن جي حڪيم چيتنديو جن جي ڪري مونکي يعني منگهارام 'ديوانو' کي پڻ مانُ ۽ عزت ڏيندا آهن.

ٻوليو سڀ پريم سان سوامي ليلاشاه مهاراج جي جئہ ''جئہ رامجي ڪي''

माता पिता की कृपा



इंदलदास ए. तुलसीयाणी
स्व. दि. **10-12-2010**



राधादेवी एच.तुलसीयाणी
स्व. दि. **09-09-2006**



श्री मोतीलाल बापू
website : www.motilalbapu.com
M. : 09825190971


रूपया पैसा बनाने के लिए कोई मंत्रोचार, कोई तपस्या करनी नहीं पड़ती। लक्ष्य से लक्ष्मी आती है। बापूजी कहते हैं अच्छे बनो, अच्छा व्यवहार करो, व्यवहार से इज़्ज़त बनती है इज़्ज़त से जीवन में रूपयों पैसों की बरसात होती है।

- श्री मोतीलाल बापू

---

१. आपके दर्शन से प्रभु की याद आती है।
२. आपसे नज़र मिलाने से फिर मिलने की तमन्ना होती है।
३. आपसे हाथ मिलाने से कृष्ण सुदामा की याद आती है।
४. आपके दो बोल अच्छे सुनने से भोलेनाथ की याद आती है।

واقِفيَت



: برهم کتري منگهارام چيتنديو

ص : ''ديوانو''

تاريخ : ۲-۹-۱۹۳۹ع

اِستان : ماتلي (سنڌ)

م : مئٽرڪ پاس (جهوني مئٽرڪ ۱۱ درجا)

ل ڪتاب : جملي ۲۴ جنهن ۾ ۱۹ ڪتاب سنڌيءَ ۾

۽ ۵ ڪتاب گجراتيءَ ۾

ڪتاب : تيار ڏهه ڪتاب اَڻڇپيل

ي : جيتپور ۾ جهوليلال مندر جو ٽرسٽي

ر : هڪ اِنعام مليل گجرات سنڌي ساهتيه اڪادمي،

گانڌينگر (گجرات)

ن : سنمان تمام گهڻا ٿيل آهن.

شواڻي تي : ٻه پروگرام آڪاشواڻي تي ڏنل آهن

نيلم پبليڪيشن

ي پاجي مارڪيٽ پٺيان،

الا روڊ، جيتپور-360370 (گجرات)

فون گهر : 8866047181 ,9427361353